# خاموش رهڻ جي عادت
# ڪيئن اپنائجي

31-May-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# خاموش رهڻ جي عادت ڪيئن اپنائجي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زمزم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

## دُرُود شريف جي فضيلت

اُمُّ المؤمنين حضرت سَيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ نبي رَحمت، شفيعِ اُمّت، محبوبِ ربُّ العزّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ شفاعت نشان آهي: "مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ يَوْمَ الْجُمُعَة كَانَتْ شَفَاعَة لَّه عِنْدِي يَوْمَ الْقِيامَة (يعني) جيڪو شخص جُمُعي جي ڏينهن مون تي دُرُود شريف پڙهندو تہ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت منهنجي ذِمّہ ڪرم تي هوندي." (ڪنز العمال،ڪتاب الاذڪار، الباب السادس في الصلاة عليه، الجزء الاول، ۲۵۵/۱، حديث: ۲۲۳۶)

يانبی! بے کار باتوں کی ہو عادت مجھ سے دُور

بس دُرُودِ پاک کی ہو خُوب کثرت یارسول

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۲۴۲)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن هفتيوار سُنّتن ڀري بيان جو موضوع آهي"**خاموش رهڻ جي عادت ڪيئن اپنائجي**". زبان جون آفتون، فضول ڳالهائڻ

جا نقصان، خاموش رهڻ جا فائدا ۽ برڪتون، بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جا واقعا ۽ آخر ۾ خاموش (Silent) رهڻ جي عادت بنائڻ جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌنداسين. لهٰذا دِلجمعي ۽ سٺين سٺين نيتن سان شروع کان آخر بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريو، دنيا ۽ آخرت بهتر بنائڻ جا ڪيئي مَدَني گل حاصل ٿيندا. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## زبان جي آفت

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "اللہ والوں کی باتیں" جلد 4 صفحي نمبر 469 تي لکيل آهي: حضرتِ سَيِدُنا مُعاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مان غزوهءِ تبوڪ ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هيس، مون پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اڪيلائي ۾ ڏٺو تہ ان موقعي کي غنيمت سمجهندي ۽ پنهنجي ڏاچي کي ٻنهين جهانن جي سالار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن ڪاهي ويس، ايستائين جو ڪريم آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هلڻ لڳس، مون عرض ڪيو: "يارسولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي اهڙو عمل سيکاريو، جيڪو مون کي جنّت ۾ داخل ڪري ڇڏي." ارشاد فرمايائون: "توهان تمام وڏي ڳالھ پڇا ڪئي آهي، يقيناً اهو انهيءَ جي لاءِ آسان آهي، جنهن تي الله پاڪ ان کي آسان فرمائي ڇڏي."

پوءِ ارشاد فرمايائون: "الله پاڪ جي بندگي ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ ڪيو، فرض نماز پڙهو، فرض ڪيل زڪوٰة ادا ڪريو ۽ رَمَضان جا روزا رکو." ان کان پوءِ اسان اڳتي وڌياسين، تہ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جيڪڏهن توهان چاهيو تہ مان توهان کي ڀلائي جي دروازن جي باري ۾ ٻڌايان، (پوءِ پاڻ ئي ارشاد فرمايائون:) ❖ روزو ڍال آهي، ❖ صدقو گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي. ❖ ۽ رات جي وچ ۾ ماڻهو جو نماز پڙهڻ." پوءِ

پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سيپاري 21 سورهٔ سجده جي آيت نمبر 16 جي تلاوت فرمائي:

تَتَجَافٰی جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ
(پ۲۱،السجدة:۱۶)

**ترجمو ڪنزالايمان**: انهن جا پاسا جدا هوندا آهن سمهڻ جي جاين کان،

(حضرت سَيدُنا مُعاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا:) ان کان پوءِ اڳتي وڌياسين تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايائون: ”ڇا مان توهان کي سمورين شين جي اصل، سُتون ۽ ٿوهي جي بلندي نہ ٻڌايان، اهو الله پاڪ جي راهہ ۾ وڙهڻ آهي.“ ان کان پوءِ اسان اڳتي وڌياسين تہ ارشاد فرمايائون: ”جيڪڏهن توهان چاهيو تہ مان توهان کي ان شيءِ جي باري ۾ ٻڌايان، جيڪا هن سڄي معاملي ۾ ماڻهن جي حاڪم آهي؟“ اهو فرمائي سرڪارِ دوجهان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خاموش ٿي ويا ۽ مان پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڏانهن پورو پورو متوجھ رهيس. پوءِ مون هڪ سوار کي سردارِ دوجهان، رحمت عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڏانهن تيزي سان ايندي ڏٺو تہ مون کي اُن خوف اچي ورتو تہ اهو هتي اچي نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ڌيان مون وٽان نہ هٽائي ڇڏي ايتري ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي زُبان ۽ مُنهن ڏانهن اشارو ڪيائون. مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اسان جيڪو ڪلام ڪيون ٿا ان باري ۾ بہ پڇيو ويندو؟ ارشاد فرمايائون: ”اي ابنِ جبل! توهان جي امڙ توهان تي روئي! جيڪو توهان چوندا آهيو اهو توهان جي حق ۾ هوندو آهي يا توهان جي خِلاف، ماڻهن کي منهن ڀر جهنم ۾ ڪيرائڻ واريون ان جي واتان نڪرندڙ ڳالهيون ئي تہ آهن. (ترمذي، ڪتاب الايمان،باب ماجا ء في حرمة الصلاة،۴/ ۲۸۰،حديث: ۲۶۲۵، ملخصاً)

بولوں نہ فضول اور رہیں نیچی نگاہیں  آنکھوں کا زباں کا دے خدا قُفلِ مدینہ
دوزخ کی کہاں تاب ہے کمزور بدن میں  ہر عضو کا عطّار لگا قُفلِ مدینہ

(وسائل بخشش مرمم،ص ۹۵)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثِ پاڪ مان اسان لاءِ ڪيئي خوشبودار مَدَني گل آهن، (1) صحابہَ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جنّت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نهايت حريص هوندا هئا ۽ وقت بوقت نبي رحمت، مالڪِ جنّت، شفيع اُمّت صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کان جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن جي باري ۾ پڇندا به هئا. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته جڏهن به الله وارن جي بارگاهه ۾ حاضري جو شرف ملي ته ادب سان انهن کان جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارن ۽ دوزخ کان بچائڻ وارن عملن جي باري ۾ سُوال ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون، ته جيئن اسان کي شريعت جي مطابق زندگي گذارڻ جو سليقو اچي وڃي ۽ ائين ربّ ڪريم اسان گناهگارن سان راضي ٿئي اسان کي به جنّت ۾ داخل ٿيڻ واري خوش نصيبن ۾ شامل فرمائي ڇڏي.

ميں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ

(وسائلِ بخشش مرمم،ص٩٨)

(2) بيان ڪيل حديثِ پاڪ مان ٻيو مدني گل اهو مليو ته نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ مخلوق ۾ سڀ کان وڏي مُبَلّغ صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تمام ئي پياري سُنّت آهي ۽ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن عظيم فريضي کي وڏي سهڻي نموني سان ادا ڪيو آهي، جيئن جڏهن صحابي رسول حضرتِ سَيِدُنا مُعاذ بن جبل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ نبي ڪريم صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان جنّت ۾ داخل ڪرڻ واري عمل جي باري ۾ سُوال ڪيو ته ڪرم واري آقا، پياري مُصطَفٰي صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندي مختلف نيڪ عمل ڪرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان به عاشقانِ رسول کي نيڪي جي دعوت ڏيندي انهن کي جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن، مثال طور انهن کي فرض ۽ نفل نمازون پڙهڻ ۽ روزا رکڻ، زڪوٰة ۽ فطرا ۽ صدقو ۽ خيرات ڏيڻ، ذِڪر ۽ دُرود ۽ تلاوتِ قرآن جي ڪثرت ڪرڻ، سُنّتن ڀري اجتماعن ۽ مَدَني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪرڻ، مَدَني انعامات جو رسالو ڀرڻ،

مَدَني قافلن ۾ سفر ڪرڻ، 12 مدني ڪم ڪرڻ، جامعة المدينہ ۾ داخلا (Admission) وٺڻ، چوڪ درس ۽ مَدَني درس ڏيڻ ٻڌڻ، مختلف مدني ڪورسز ڪرڻ، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ سان بيعت ٿيڻ ۽ ٻين سنن سنن ڪمن جي ڀرپور ترغيب ڏياريون، هن سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر پاسي سُنّتن جون مدني بهارون عام ٿي ويندين.

ہر طرف "نیکی کی دعوت" عام ہو نیک ہو اُمّت اے نانائے حُسین
سُنّتوں کی ہر طرف آئے بہار نیک ہو اُمّت اے نانائے حُسین
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۲۵۸)

(3) بيان ڪيل حديثِ پاڪ مان ٽيون مدني گل **اهو مليو** ته انسان جيڪڏهن گفتگو ڪرڻ جي معاملي ۾ احتياط سان ڪم نہ وٺندو تہ اها ئي گفتگو ان کي دوزخ ۾ وٺي وڃڻ جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿي. پر افسوس! مسلمانن جي وڏي تعداد هاڻي **فضول گوئي** جي آفت بلڪ گناهن ڀري ڳالهين کان بي پرواه ٿي ڏينهن رات ان مُوذي مرض ۾ مبتلا نظر اچي رهي آهي.

۽ عوام ۽ خواص تقريباً سيئي هن بيماري ۾ مُبتَلا نظر اچي رهيا آهن. خاص ڪري **موبائل فون، انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا** (Social Media) جي غلط اِستعمال (Miss Use) جي ڪري فضول گفتگو ڪرڻ جي رُجحان ۾ تيزي سان واڌارو ٿيو آهي. بعض ماڻهو فضول ڳالهائڻ ۾ ايتري قدر بيباڪ هوندا آهن جو انهن کي ڪنهن جي عزّت، منصب، مقام ۽ مرتبي جي ٿوري بہ پرواهہ ناهي هوندي، بس جيڪو وات ۾ آيو ڪڍي ڇڏيو، جيڪو دل ۾ آيو چئي ڇڏيو، ڪٿي ڪڏهن ڇا ڳالهائڻو آهي ڇا ناهي ڳالهائڻو، ان طرف انهن جو بالڪل بہ ڌيان ناهي هوندو، اهڙي طرح ڪجھ ماڻهن جي زبان تہ قينچي جيان تيز هوندي آهي، بامقصد گفتگو ڪرڻ تہ انهن جي شان جي خلاف هوندو آهي، اهڙا جهڳڙي خور ماڻهو ٻين جي ڳالھ ڪٽي پنهنجي راءِ ۽ مشوري کي تمام گهڻي اهميت ڏيندا آهن. ائين ئي ڪجھ ماڻهن کي فضول سُوال ڪرڻ جي اهڙي تہ خراب عادت پيل هوندي آهي جو ان جي بغير انهن جي دل کي سڪون ئي ناهي

ملندو. اچو! هن حوالي سان فضول سُوالن جا ڪجھ مثال ٻڌون ٿا:

## فضول سُوال ۽ جملن جا ڪجھ مثال

ٻِلا ضرورت اهو چوڻ تہ ها ادا ڏيو خبر اڄڪلھ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڪهڙو ڪم ڪندا آهيو؟ پگهار ڪيتري آهي؟ ڊيوٽي جو وقت ڪهڙو آهي؟ پنهنجو ڪاروبار آهي يا ڪنهن وٽ ڪم ڪيو ٿا؟ ڪنهن جا پٽ آهيو؟ ڪهڙي ذات اٿوَ؟ ڪهڙي علائقي ۾ رهو ٿا؟ ذاتي گهر ۾ رهو ٿا يا ڪرائي جي گهر ۾؟ گهر ۾ ڪيترا ڪمرا اٿوَ؟ موبائل فون، ليپ ٽاپ، ڪار يا بائيڪ ڪيتري ۾، ڪٿان ڪان خريد ڪيا ۽ ڪمپني جو نالو ڇا آهي؟ ڪيترا ڀاءُ ڀيڻ آهيو؟ شادي شده آهيو يا ڪنوارا؟ ٻار ڪيترا اٿوَ؟ ڪيترا حج ۽ عمرا ڪيا اٿوَ؟ ڪائڻ ۾ ڪهڙو ٻوڙ پسند ڪندا آهيو؟ چپل، لباس، عمامو يا چادر ڪيتري ۾ ۽ ڪنهن دڪان تان خريد ڪئي؟ وڏي عيد تي ڪهڙو جانور آڻيندؤ؟ قرباني جو جانور ڪيتري جو ورتو؟ ڪهڙي منڊي مان ورتو؟ ڪيترا ڏند اٿس؟ اوهان وٽ بجلي ڪنهن وقت ويندي ۽ ايندي آهي؟ بجلي جي لوڊشيڊنگ گهٽي وڌي وئي آهي، يار! اڄ تہ ڏاڍي گرمي آهي، ادا پلا اها گاڏي ڪيتري ۾ خريد ڪئي؟ اَلائي ٽريفڪ (Traffic) ڪيستائين جام رهندي! اڄڪلھ مهانگائي گهٽي آهي، اوهان جي علائقي ۾ پلاٽ جي قيمت ڇا هلي رهي آهي؟ وغيره.

ياد رهي! هر هنڌ اهي ڳالهيون فضول ڳوئي ۾ شمار نہ ٿينديون، انهن ۾ ڪي ڳالهيون وقت، ضرورت يا صحيح مقصد جي لاءِ سُوال ڪرڻ سان فضول نہ ٿينديون، ها ان وَقت فضول شمار ٿينديون جڏهن تہ انهن ڳالهين جو ڪو صحيح مقصد نہ هجي. الله ڪريم تمام مسلمانن ڪي فضول گفتگو ڪان بچندي خاموشي اختيار ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

یارب نہ ضَرورت کے سِوا کچھ کبھی بولوں! اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
بک بک کی یہ عادت نہ سرِ حشر پھنسا دے اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
ہر لَفظ کا کس طرح حساب آہ! میں دُوں گا اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ

(وسائلِ بخشش مرمم ،ص٩٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فضول ڳالهائڻ جا نقصان

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! **فضول ڳالهائڻ** هڪ اهڙو ڪم آهي جنهن ۾ ڪا ڀلائي ۽ فائدو ناهي بلڪ فضول ڳالهائڻ جون تباهه ڪاريون تمام ئي گهڻيون آهن، مثال طور **فضول ڳالهائڻ** شيطان کي پسند آهي. **فضول ڳالهائڻ** الله پاڪ ۽ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ناپسند آهي. **فضول ڳالهائڻ** ڪراماً ڪاتبين يعني عمل لکندڙ ملائڪن جي تڪليف جو سبب آهي. **فضول ڳالهائڻ** مسلمانن جي دل آزاري جو سبب آهي. **فضول ڳالهائڻ** اڪثر شرمسار ئي ڪرائيندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** گهڻيون غلطيون ڪرائيندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** ترقين جون راهون بند ڪندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** جاهلن جو ڪم آهي. **فضول ڳالهائڻ** غيبتن جا دروازا کولرائي ٿو. **فضول ڳالهائڻ** عيب کولڻ ڏانهن وٺي ويندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** دِلين ۾ نفرت جو سبب بڻجندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** وقت ضايع ڪرائيندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** عزّت ۽ وقار ختم ڪرائيندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** ڪرڻ وارن ڪمن کان پري ڪري، نه ڪرڻ وارن ڪمن ۾ لڳائي ڇڏيندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** مخلص دوستن کان محروم ڪندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** اڪيلو (Alone) ڪرائيندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** رشتن ۾ ويڇا وجهندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** مدني ماحول جي لاءِ انتهائي نقصان ده آهي، **فضول ڳالهائڻ** ڳالهه کي بي اثر ڪندو آهي. **فضول ڳالهائڻ** مدني ماحول سان وابسته عاشقانِ رسول کي مدني ماحول کان بَدظَن ڪرڻ جو سبب ٿيندو آهي، مطلب ته **فضول ڳالهائڻ** ۾ بي شمار نُحُوستون سمايل آهن ۽ مُعاشري ۾ بي انتها خرابين کي جنم ڏيندو آهي، تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي ته اسان فضول ڳالهائڻ جي بدران خاموشي اختيار ڪريون، ڇوته خاموشي اختيار ڪرڻ جا ڪيئي فائدا آهن، مثال طور

## خاموشي جا فائدا ۽ برڪتون

**خاموشي اختيار ڪرڻ** رِضاءِ الٰهي ماڻڻ جو بهترين ذريعو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** بهترين عبادت آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** سلامتي جي دليل آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** نجات جو سبب آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** ايمان جي حقيقت کي ماڻڻ جو زبردست نُسخو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** شيطان کي ناراض ڪندو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** قيمتي گهڙين کي محفوظ (Secure) رکڻ جو ذريعو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** فتنن جو دروازو بند ڪندو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** دنيا ۽ آخرت جي رُسوائي سان بچڻ جو ذريعو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** جنّت ۾ داخلا جو سبب آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** بگڙيل ڪمن کي بڻائيندو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** عزّت وڏائڻ جو سبب آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** گهر جي اندر ۽ گهر جي ٻاهر مَدَني ماحول بنائڻ جي لاءِ نهايت مفيد ۽ ضروري آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** جي بَرَڪت سان عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته هئڻ واري عاشقانِ رسول جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** محبتن کي فروغ ڏيندو آهي. **خاموشي اختيار ڪرڻ** جي فضائل رسولِ ڪريم، محبوبِ ربِّ عظيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زبانِ مبارڪ سان بيان فرمايا آهن ۽ **خاموشي اختيار ڪرڻ** اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي مُبارڪ عادتن جو حصو رهيو آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ 2 واقعا ٻڌون ٿا جو اللّٰه وارا خاموشي کي ڪيتري قدر پسند ڪندا هئا ۽ ان حوالي سان انهن جو ڪيتري قدر زبردست مدني ذهن نهيل هو، جيئن

## هوا ۾ هلڻ وارو شخص

حضرتِ سيدُنا وَهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: بني اسرائيل ۾ ٻه (2) بزرگ عبادت جي اهڙي رتبي تي فائز هئا جو پاڻي تي هلندا هئا. هڪ ڀيري اهي سمنڊ تي هلي رهيا هئا ته انهن هڪ بزرگ کي ڏٺو ته اهو هوا (Air) ۾ اڏري رهيو آهي، اُن کان پڇيائون: اي اللّٰه پاڪ جا ٻانها! اوهان هن مقام تائين ڪيئن پهتؤ؟ ان فرمايو: ٿوري دنيا تي راضي رهي، مون پنهنجي نفس کي خواهشن ۽

زبان کي فُضُول ڳالهين کان روڪي رکيو ۽ اُنهن ڪمن ۾ مشغول ٿي ويس جن ڪمن جو ربّ ڪريم مون کي حڪم ڏنو ۽ مون خاموشي کي اپنائي رکيو. جيڪڏهن مان الله ڪريم تي ڪنهن ڳالهه جي قسم کڻان ته اهو منهنجي قسم پوري ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن ان کان گهران ته اهو مون کي عطا ڪري ڇڏي.
(ایک چپ سو سکھ،ص۲۲)

## ڪڏهن فضول ڳالهه نه ڪئي

حضرت سَيدُنا ثابِت بُنَانِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه کان روايت آهي، هڪ ڏينهن حضرت سَيدُنا شَدَّا د بن اَوس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي هڪ ساٿي کي فرمايائون: دسترخوان کڻي اچ! ان سان ٿورو دل وندرائيون. ساٿي عرض ڪيو: مان جڏهن کان اوهان جي صحبت ۾ رهيو آهيان تڏهن کان وٺي اوهان جي زبان مان اهڙي ڳالهه ناهي ٻُڌي؟ ته پاڻ فرمايائون: رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان جُدا ٿيڻ کان پوءِ ڪڏهن ڪا بي مقصد ڳالهه منهنجي زبان مان ناهي نڪتي ۽ الله پاڪ جو قسم! آئنده به ڪا فضول ڳالهه منهنجي زبان مان نه نڪرندي.
(اللہ والوں کی باتیں،۱/۴۷۳)

میں بے کار باتوں سے بچ کے ہمیشہ
کروں تیری حمد و ثنا یاالٰہی

(وسائل بخشش مرمم ،ص۱۰۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فُضول سُوال ۽ فُضول گوئي کان بچڻ واري مَدَني انعام جي ترغيب

سُبْحٰنَ الله! ڀَڏو اوهان! اسان جا بزرگ سڳورا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين پنهنجي زبان ۽ گفتگو کي فُضُوليات کان ڪيتري قدر بچائيندا هئا، خاموشي اختيار ڪرڻ، انهن کي ڪيتري قدر پسند هوندو هو ۽ خاموشي اختيار ڪرڻ جي برڪت سان انهن تي ڪهڙيون ڪهڙيون عِنايتون ۽ نوازشون ٿينديون آهن، تنهنڪري اسان

ڪي بہ ان الله وارن جي نقشِ قدم تي هلندي فُضُول ۽ بي مقصد گفتگو کان بچڻ ۽ هميشہ بامقصد گفتگو ڪرڻ يا خاموشي اختيار ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن اسان کي بہ ان جون خوب برڪتون نصيب ٿين. قربان وڃجي! شَيخ طريقت، اميرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ تي جن مسلمانن کي نيڪ بنائڻ، انهن کي گناهن ۽ ٻين بُرن ڪمن کان بچائڻ جي لاءِ مسلسل پنهنجون ڪوششون جاري رکيون آهن، ان جي واضح جهلڪ ڏسڻي هجي تہ مڪتبة المدينہ تان 72 **”مدني انعامات“** جو رسالو هدِيو ڏئي طلب ڪري ان جو غور سان مطالعو ڪري ڏسي وٺو. اَلْحَمْدُلِلّٰه هن مختصر رسالي جي ذريعي پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ مسلمانن کي فُضُول گفتگو کان بچڻ جي ترغيب تي بہ مُشتَمِل سُوال مَدَني انعامات جي صورت ۾ عطا فرمايا آهن، جيئن

**مَدَني انعامات نمبر29:** ڇا اڄ توهان ڪنهن کان اهڙا فضول سوال تہ نہ ڪيا جن جي ذريعي مسلمان عمومًا ڪوڙ جي ڪبيره گناهہ ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن.
(مثلاً بنا ضرورت جي پڇڻ توهان کي اسان جو کاڌو پسند آيو؟ وغيره)

**مَدَني اِنعام نمبر49:** ڇا اڄ توهان ضروري گفتگو بہ گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي؟ ۽ پڻ فضول ڳالهہ وات مان نڪري وڃڻ جي صورت ۾ فورًا پشيمان ٿي ڪري درود شريف پڙهي ورتو؟

اچو! اسان بہ نيت ڪيون ٿا تہ نيڪ بڻجڻ ۽ خاموشي جي عادت اپنائڻ جي نِيت سان اڄ ئي مڪتبة المدينہ جي بستي تان 72 **”مدني انعامات“** جو رسالو حاصل ڪنداسين. اڄ کان روزانو فڪرِ مدينہ ڪندي مَدَني انعامات جو رِسالو پُر ڪنداسين. ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريندا سين، هر مَدَني مهيني جي پهرين تاريخ جو پنهنجو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن جو رسالو بہ لاڳاپيل ذميدار کي جمع ڪرائينداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اچو! ترغيب جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ڪرڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي ايمان تازو ڪندڙ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## وقتِ نزع پيرومُرشد جي زيارت نصيب ٿي

بلوچستان جي شهر ”سُوئي“ جي رهائشي اسلامي ڀاءُ جو وڏو ڀاءُ (عمر تقريباً 35 سال) 2003 کان بيمار رهڻ لڳو، ڊاڪٽرز ”بلڊ ڪينسر“ جو مرض ظاهر ڪيو. ان جو ڀاءُ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ۽ اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو مُريد هو، انهيءَ برڪتن جي طفيل مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجيل رهندو هو. سخت ڪمزوري ۽ تڪليف جي باوُجود جيستائين زنده رهيو، ڪا نماز قضا نه ٿيڻ ڏني بلڪ ماڻهو ان ڳالهه تي حيران هئا ته اهو هن حالت ۾ به پنهنجي پير ۽ مرشد جي عطا ڪيل 72 مَدَني انعامات جي مطابق عمل رڪندو رهيو. جڏهن ته انهن جي ڪوشش هوندي هئي ته مان مرشِدِ ڪريم جو **”منظورِ نظر“** سڏرايان. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اُن جي زبان تي سجو ڏينهن ڪلِمو شريف، ذِڪرُ الله يا دُرودِ پاڪ جاري رهندو هو. جنهن ڏينهن انتقال ٿيو سڄي رات به اهو ئي معمول رهيو. ڪمزوري (Weakness) جي ڪري نمازِ عشاء اشارن ۾ ادا ڪئي ۽ 18 اگست 2004 ۾ نمازِ فجر مسجد ۾ ادا ڪري پهتو ته ڏنائين ڀاءُ جيڪو سهاري جي بغير اُٿي نه سگهندو هو بغير سهاري اُٿي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ والده ان کي سنڀالي رهي هئي، ان ويجهو پهچي ڀاءُ کان پڇيو، ڇا ڳالهه آهي؟ ڪٿي وڃڻو آهي؟ ته ڀاءُ چيو: اهو ڏسو سامهون منهنجا پير ۽ مرشد اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ تشريف وٺي آيا آهن. اهو چوڻ کان پوءِ انهن جو جسم هلڪو ٿي پيو، انهن سهارو ڏئي ڀاءُ کي بستر تي ليٽايو. پوءِ ڏٺو ويو ته انهن جو انتقال ٿي چڪو هو.

اپنائے جو سدا کیلئے سُنّتِ نبی میری دعا ہے خُلد میں جائے نبی کے ساتھ

(وسائل بخشش مرمم،ص۲)

**مختصر وضاحت:** يعني جيڪو عاشقِ رسول هميشه رسولِ هاشمي، مڪي

مَدَني صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سُنّتن کي اپنائيندو آهي، اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ان خوش نصيب کي اهو دعا ڏئي رهيا آهن ته ربّ ڪريم ان کي نبي اڪرم، شهنشاهِ آدم و بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ جنت ۾ داخلا نصيب فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خاموش رهڻ جي عادت ڪيئن بڻايون؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان خاموشي جي فضيلتن ۽ فُضُول ڳالهين کان بچڻ جي باري ۾ ٻُڌي رهيا آهيون، اچو! خاموش رهڻ جي عادت اپنائڻ جي لاءِ ڪجهه مَدَني گل ٻُڌون ٿا ۽ عمل جي ڪوشش به ڪيون ٿا، جيئن

(1) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ لکي گُفتگُو ڪرڻ جي عادت بڻايو. البت جتي فتني جو خطرو هجي، اتي ضرورتاً ڪلام ڪرڻ ۾ حرج ناهي. (2) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ خاموشي جي فضيلتن ۽ فضول ڳالهين جي تباهه ڪارين کي پيشِ نظر رکو. (3) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪتاب **”هڪ چُپ سؤ سُک** (خاموشي جي فضيلتن)“ ۽ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو **”خاموش شهزادو“** جو مطالعو فرمايو.

احياء العلوم جلد 3 صفحي نمبر341 کان 500 تائين **زبان جي 20 آفتن** جو مطالعو ڪريو.

(4) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ بُري صحبت کان بچو ۽ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪريو.

اهڙن اسلامي ڀائرن جي صُحبت اِختيار ڪئي وڃي جيڪي خاموشي اِختيار ڪرڻ وارا هجن، جيڪي مَدَني انعامات جا عامل هجن.

(5) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ اڪثر وقت (Time) گهر يا مسجد ۾ گذاريو. (6) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ هر مهيني 3 ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايو. (7) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪي پنهنجو معمول بڻائي ونو. رَمَضان ۾ تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ روزانو 2 مَدَني مذاڪرن جون مَدَني بهارون آهن، سڄي دُنيا ۾ موجود لکين عاشقانِ رسول روزانو انهن مَدَني مذاڪرن جي بَرَڪت سان عِلمِ دِين حاصل ڪندا آهن. اسان بہ انهن مَدَني مذاڪرن ۾ پابندي سان شرڪت ڪي پنهنجو معمول بڻائي ونون، بيون فضيلتون ۽ برڪتون حاصل ٿيڻ سان گڏوگڏ **خاموشي جي فضيلتن جي** بہ خبر پوندي، **خاموش رهڻ جي عادت** ڪيئن بڻائي سگهجي ٿي، اهو بہ سکڻ جو موقعو ملندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

(8) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ موبائل جو گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪيو وڃي. (9) خاموش رهڻ جي عادت بنائڻ جي لاءِ صرف ۽ صرف **مَدَني چينل** ئي ڏسو.

**اِصلاحِ اعمال ڪورس ۽ 12 مَدَني ڪم ڪورس** ڪرڻ جي برڪت سان بہ فضول ڳالهين کان بچڻ ۽ **خاموشي جي عادت** اپنائڻ جو مَدَني ذهن بڻجندو.

الله ڪريم اسان کي ڏينهن جو اڪثر حصو خاموش رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي، فضول ۽ بيڪار ڳالهين کان اسان جي حفاظت فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

فضول اور بیکار باتوں کے بدلے کروں کاش! ہر دم مدینے کی باتیں

(وسائل بخشش مرمم،۲۷۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس خصوصي اسلامي ڀائي

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي فيضان سان عُمومي اسلامي ڀائرن سان گڏوگڏ خصوصي يعني گونگا (Dumb)، ٻوڙا (Deaf) ۽ نابين (Blind) اسلامي ڀائر به فيضياب ٿي رهيا آهن. هي اهي ماڻهو آهن جن کي عام طور معاشري ۾ ڪو اهميت ناهي ڏيندو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مدني تربيت ۽مجلس خُصُوصي اسلامي ڀائرن جي ڪاوِشن جي نتيجي ۾ اڄ پاڪستان جي ڪيئي شهرن ۾ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماعن ۾ خصوصي اسلامي ڀائرن جا حلقا لڳندا آهن. وڏين راتين جي اجتماعن مثال طور اجتماعِ ميلاد، اجتماعِ غوثيہ، اجتماعِ معراج، اجتماعِ شبِ براءَت ۽ اجتماعِ شبِ قدر وغيره ۽ رَمَضانُ المبارَڪ جي اجتماعي اعتڪاف ۾ به خصوصي اسلامي ڀائرن جا حلقا لڳايا ويندا آهن. جن ۾ باقاعده اشارن جي زبان ۾ نعت، بيان، ذڪر ۽ دعا جي ترڪيب به ٿيندي آهي. خصوصي اسلامي ڀائرن ۾ مَدَني ڪم ڪرڻ ۽ اشارن جي زبان ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ وقت بوقت مُبَلِّغن کي قفلِ مدينہ ڪورس ڪرايو ويندو آهي ۽ گونگا ٻوڙا ۽ نابين اسلامي ڀائرن جا مَدَني قافلا به سفر ڪندا آهن.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! پاڪستان جي ڪيئي شهرن ۾ خصوصي (يعني نابين، گونگين ٻوڙين) اسلامي ڀينرن تائين به نيڪي جي دعوت پهچائڻ جو سلسلہ جاري ۽ ساري آهي، انهن خصوصي اسلامي ڀينرن ۾ مدني ڪم ڪرڻ جي لاءِ باقاعده ذمہ دار اسلامي ڀينرن جي مدني ڪورسز جو سلسلو به ٿيندو رهندو آهي. خصوصي اسلامي ڀينرن کي نيڪي جي دعوت اسلامي ڀنيرون ئي ڏينديون آهن.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

(وسائلِ بخشش مُرمَّم،ص۳۱۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رَمَضَانُ الْمُبَارَڪ جو پاڪيزه مهينو اسان جي وچ ۾ پنهنجون برڪتون ۽ رحمتون لٽائي رهيو آهي، هن مبارڪ مهيني ۾ الله ڪريم جي هڪ مقرب ولي جو يومِ ولادت بہ ملهايو ويندو آهي، جنهن ڪي دُنيا اڄ شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي نالي سان سڃاڻي ٿي، سندن يومِ ولادت جي مُناسبت سان ذِڪر عطار ٻڌون ٿا:

## 26 رمضان المبارڪ جشنِ ولادتِ عطار

شيخ طريقت، اَميراَهلسنّت ،باني دعوتِ اسلامي،حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ 26 رَمَضَانُ الْمُبَارَڪ 1369ھ بمطابق 1950ء ۾ پاڪستان جي مشهور شهر باب المدينہ ڪراچي ۾ پيدا ٿيا. اميرِ اَهلسنّت جا ابا ڏاڏا، هند جي ضلعي ”گجرات“ ۾ مقيم هئا. سندن ڏاڏي عبدالرحيم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي نيڪ نامي سڄي علائقي ۾ مشهور هئي. جڏهن پاڪستان مَعرِضِ وُجود ۾ آيو تہ اميرِاَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا والدين سڳورا هجرت ڪري پاڪستان تشريف وٺي آيا. ابتدا ۾ بابُ الاسلام (سنڌ) جي مشهور شهر زم زم نگر (حيدرآباد) ۾ قِيام فرمايائون. ڪجهہ عرصو اتي رهڻ کان پوءِ بابُ المدينہ (ڪراچي) ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اتي رهائش اختيار ڪيائون.

## علمِ دين جو شوق

اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي علمِ دين حاصل ڪرڻ جو بيحد شوق ۽ جذبو هو، اهو ئي سبب آهي جو پاڻ جواني ئي واري زماني ۾ ديني علومِ جي زيور سان آراستہ ٿي چڪا هئا. پاڻ حصولِ علم جي ذريعن مان ڪتاب پڙهڻ ۽ عالم سڳورن جي صحبت کي اختيار ڪيو. ان سلسلي ۾ پاڻ مسلسل 22 سال مُفتي اعظم پاڪستان حضرت علامہ مولانا مُفتي وقارُالدين قادِري رَضَوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه

جي صحبتِ بابَرَڪت سان فيض حاصل ڪندا رهيا ۽ پوءِ هڪ وقت اهڙو آيو جو انهن اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪي پنهنجي خلافت ۽ اجازت سان بہ نوازي ڇڏيو.

## تصانيفِ اميرِ اهلسنت

**"فيضانِ سنت"** جلد اَوّل ۽ دُوُم، **"ڪفريہ ڪلمات جي باري ۾ سُوال جواب"**، **"پردي جي باري ۾ سُوال جواب"**، **"نماز جا احڪام"** ۽ **"اسلامي ڀينرن جي نماز"** اميرِاهلسنت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مشهور ۽ معروف ڪتاب آهن.

## معمولاتِ عطار

❖ اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي زندگي وقت جي پابندي ۽ مستقل مزاجي ۾ مشهور آهي، پاڻ مسلسل باجماعت نماز ادا ڪندا آهن ۽ سنتن ۽ آداب جو هر وقت لحاظ رکندا آهن. ❖ پاڻ عام طور سادو ۽ سفيد لباس بغير استري جي استعمال ڪرڻ پسند ڪندا آهن جڏهن تہ مٿي تي نندي سائز جو سادو عمامو ٻڌندا آهن. ❖ اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ماڻهن جي اصلاح ڪرڻ جي معاملي ۾ بي حد مُتَحَرِّڪ نظر ايندا آهن. ❖ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن خلافِ شرع يا خلافِ سنّت ڪم کي ڏسي خاموش ناهن رهندا بلڪ يڪدم سهڻي ۽ پياري انداز ۾ پيار ۽ محبت سان سامهون واري جي اصلاح ڪندا آهن. ❖ هن پُرفِتن دور ۾ علمِ دين سان بي رغبتي ۽ هر خاص ۽ عام جو ميلان صرف دُنياوي تعليم ڏانهن ٿيڻ جي ڪري ۽ ديني مسئلن بابت ڄاڻ نہ هئڻ جي ڪري هر پاسي جهالت ڦهلجندي پئي وڃي، اهڙن نازڪ حالتن ۾ اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڏينهن رات دين جي خدمتن ۾ مصروفِ عمل رهيا ايستائين جو پاڻ 1401 ھ بمطابق 1981ء ۾ عاشقان رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جهڙي عظيم ۽ عالمگير تحريڪ جو بنياد رکيو جنهن جو مدني پيغام سڄي دنيا ۾ پهچي چڪو آهي ۽ دعوتِ اسلامي 107 کان وڌيڪ شعبن ۾ دِين جي خدمت سرانجام

ڏئي رهي آهي، ڪروڙين ماڻهو ان سان مستفيض ٿي رهيا آهن. ❖ سندن ذاتِ مبارڪ سان وابستہ ماڻهن جي زندگين ۾ مدني انقلاب اچي چڪو ۽ اچي رهيو آهي، ماڻهو گناهن کان توبہ ڪري نيڪين ڏانهن مائل ٿيا آهن ۽ ٿيندا پيا وڃن.

امیرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ **جي بَرَڪت سان لکين مسلمانن جي عقيدن ۽** عملن جي اِصلاح ٿي آهي.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان لکين** مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون پڪا نمازي بڻيا.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان لکين** مسلمان جنت واري راهہ تي هلي پيا.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان لکين** مسلمان جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن کان بچڻ لڳا.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان هزارين** مُبَلّغ ۽ مُبَلّغہ، مُعَلّم ۽ مُعَلّمَہ بڻيا.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان هزارين** گهَرَن ۾ مَدَني ماحول قائمَ ٿيو.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان لکن جي تعداد** قرآنِ ڪريم حفظ ڪيو، ناظره پڙهيو.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان هزارين** عالِم ۽ عالمہ بڻيا.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان هزارين** مسجدون بڻيون.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان هزارين** جامعات المدينہ ۽ مدارس المدينہ قائم ٿيا.

**امیرِ اهلسنت جي بَرَڪت سان** خدمتِ دين جا تقريباً 107 شعبا قائم ٿيا.

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ الله پاڪ جي هن ڪامل ولي جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي سندن عطا ڪيل هن مدني مقصد کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ڪيون تہ **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي".** اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءَ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳالھ ٻولھ ڪرڻ جا اهم مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو شيخِ طريقت، اميراهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مَدَني گل“ مان ڳالھ ٻولھ جي حوالي سان ڪجھ اهم مدني گل ٻڌون ٿا: ❖ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالھ ٻولھ ڪريو ❖ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو ❖ رڙيون ڪري ڳالهائڻ کان تمام گهڻو احتياط ڪيو ❖ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ ادب سکندو ❖ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ وقت اُگھڙ جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ ۾ آڱر وجهڻ، يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سني ڳالھ ناهي ❖ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالھ ڪٽي پنهنجي ڳالھ شروع ڪرڻ سنّت مان ثابت ناهي. ڳالهائڻ وقت هميشہ ياد رکو تہ وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ سان رعب ختم ٿي ويندو

آهي. ❖ ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد بہ هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهہ ڪئي وڃي ❖ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوٰی رضویہ ، ۱۲۷/۲۱) ۽ بي حيائي جي ڳالهہ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهہ) کان ڪم وٺي ٿو." (کتابُ الصَّمْت مع موسوعۃالامام ابن ابی الدنیا، ۲۰۴/۷ حدیث: ۳۲۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃ المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اڳئين هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع آهي: "شهداءِ اُحد جون قُربانيون" جنهن ۾ اسان شهداءِ اُحد جي دِين جي خاطر پيش ڪيل قربانين جي باري ۾ ٻڌنداسين. لهٰذا! آئنده **جمعرات** بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٴ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305